**مجاهد حسين سولنگي**
ليڪچرار سنڌي، آءِ بي اي ڪميونٽي ڪاليج نوشهروفيروز، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ اکر ''م'' جي نحوي ۽ صرفي اهميت ۽ ڪارج

# IMPORTANCE & USAGE OF LETTER ``MEEM`` IN SINDHI LANGUAGE & LITERATURE

**ABSTRACT**

It is the strength of the civilized languages of the world that many of their letters change their meaning, bring about grammatical changes, enfuse a new spirit and thus, enhance fertility in language when used in phrase or combined with other words. For example, in English language ``a`` or ``the`` is joined with ``few `` to form a new word `` a few`` or ``the few`` etc. In the same way, in Sindhi language, the letter of ``meem`` alters the meaning of words and bring about many grammatical changes which add more beauty to its meaning, grammatical structures etc. By way of my humble struggle, I have come to know that the letter ``meem`` is used in more than nine different ways in Sindhi language, it alters the meaning of adjective, adverb, pronominal suffix etc.

Letter of ``meem`` is also used as prefix, infix and suffix in complex and compound words on large scale, therefore it can be concluded the letter ``meem`` is used multidimensionally in Sindhi language, which gives prosperity to its word meaning , grammar, and structure of words. moreover, the letter ``meem`` naturally combines with the other words, which is the indicator of Sindhi being an international and prosperous language amongst all the languages of the world.

دنيا جي سڌريل ٻولين جي اها خوبي رهي آهي تہ انهن جا ڪجھہ اکر / حرف، لفظ / فقري سان شامل ٿي، ان ۾ گرامري تبديليءَ سان گڏوگڏ معنوي تبديلي آڻي منجهن نئين حيثيت پيدا ڪندا آهن، جنهن ڪري ٻوليءَ جي لفظي ذخيري ۾ ذرخيزي اچي ويندي آهي جيئن انگريزي ٻوليءَ ۾ Few سان the / a ملائي هڪ نئون لفظ "a few" يا "the few" ٺاهيو ويندو آهي يا "go" جو لفظ ڳالهائڻ مهل تون وڃ يعني جملي جي معنيٰ ڏيندو آهي تيئن ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ "م" جو حرف بہ ڪيترين

ئي گرامري تبديليون آڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ سونهن ۽ مرتبي جو اهڃاڻ بڻيو آهي. منهنجي ناقص سمجهه آهر ”م“ 9 ڪان وڌيڪ مختلف نمونن سان ڪم اچي سنڌي ٻوليءَ کي عزت بخشي آهي جيڪي صفت، ظرف، اسم فاعل، ضميري پڇاڙي، مذڪر لفظن کي مونث ڪرڻ، حرف تجنيس، انڪار ، ادغام ۽ حرف جر جي صورت ۾ ”م“ استعمال ٿي پنهنجي اهميت ظاهر ڪندو رهي ٿو. هن مقالي جي وسيلي مون هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي پر جيڪڏهن ڪي وڏا دماغ غور ۽ فڪر ڪندا ته ٿي سگهي ٿو ته اڃا ڪي نوان پهلو به ظاهر ٿي پون، جيڪي منهنجيءَ سمجهه ۾ نه اچي سگهيا آهن، اميد ته علم ادب جو ذوق رکندڙن کي منهنجي نماڻي ڪوشش پسند ايندي.

جامع لغات سنڌيءَ ۾ ”م“ جي واکاڻ هيٺين نموني ٿيل آهي، م سنڌي الف ب جو ڇائيتاليهون اکر، عربي ٻوليءَ جو چوويهون، فارسيءَ جو اٺاويهون، سنسڪرت جو پنجويهون اکر (سندس اچار ٻنهي چپن کي ملائڻ سان ٿيندو آهي) ابجد جي حساب موجب سندس عدد چاليهه، محمدصہ جي نالي جو پهريون اکر، م اوم جو پويون اکر، (انهيءَ ۾ خدا جا ٽي نالا اچن ٿا : 1 ايشور ـ قادر ، طاقت وارو. 2 آڏيتہ ـ انباسي، لافاني. 3 پراگيہ ـ سڀ ڪجهه ڄاڻيندڙ عليم ڪل ) م ظرف انڪار جي معنيٰ ۾ ڪم ايندڙ ـ م ڪر = نہ ڪر ، ترڪي مونث جي نشاني ـ بيگ = بيگم ، م ضمير متصل جي نشاني ـ سندم، اٿم ، پٽم. (بلوچ: جامع لغات: ص2555: 1988)

م (ميم) سنڌي آئيوٽا جو ڇائيتاليهون اکر، م ۾ نون غُني جو آواز سمايل هوندو آهي، ان ڪري جنهن به لفظ ۾ ”م“ اچي ان جي اڳيان يا پويان نون غني جو استعمال (سواءِ ڪن نرالن حالتن جي) نٿو ڪري سگهجي جيئن اما، ڏما، ليمو وغيره م نہ جي معنيٰ ڏيندڙ جيڪا فعلن جي اڳيان لڳندي آهي.(سائل: سائل ڪوش: ڪوئيٽا: ص467: 2009:)

مٿين لغتن جي ڏنل ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته ”م“ جي استعمال جي ڪافي ڄاڻ ڏني وئي آهي، آءُ به هن مقالي جي ذريعي ”م“ جا اڃا ڪجهه وڌيڪ استعمال بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو، جنهن ۾ ”م“ حرف جي اهميت وڌي ويندي. جيڪي هيٺ ترتيب وار ڏجن ٿا.

## 1. ”م“ اسم فاعل طور:

هلندڙ دور جا مورخ جيڪڏهن تاريخ کي مسخ ڪري لکندا ته آئيندي جي مورخن لاءِ اهو ڪم ڏکيو ٿي پوندو. (غلام مصطفيٰ سولنگي: سنڌيڪار: نئون نياپو: ص24: 2013 )

مٿئين جملي ۾ مورخ = تاريخ لکندڙ اصل ۾ ارخ جو اسم فاعل آهي، جيڪو

ڪم جي ڪندڙ / ڪيل جي معنيٰ ڏئي ٿو. ارخ سان م جي اڳياڙي ملبل آهي جنهن کان پوءِ نئون لفظ مورخ جڙي پيو آهي. جڏهن ته مسخ لفظ منهنجي خيال ۾ خود مفرد آهي پر ان سان ميم فطري ڳانڍاپو رکي ٿو.

''نه''، زرينا جواب ڏنو، پر اهي ٻئي مصور هئا، تون ته شاعر آهين. ( شيخ اياز: ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر: ص 293 ثقافت کاتو)

هن جملي ۾ مصور = تصوير ٺاهيندڙ جي معنيٰ ڏئي ٿو، جيڪو تصوير جو اسم فاعل آهي. تصوير لفظ سان م اڳياڙيءَ طور ملبل آهي جيڪا اسم فاعل جي علامت کي ظاهر ڪري ٿي.

اهڙين حالتن ۾ اسان جي لاءِ هورف جي نظريي کي ٿڏي چڙهڻ ، آءُ پانيان تو ممڪن نه آهي (جامي: ڪلاسيڪي ۽ جديد سنڌي شاعري : ص311: 2011)

ممڪن لفظ امڪن جو اسم فاعل آهي جنهن جي معنيٰ تي سگهندڙ ٿيندي پيو ته حرفِ تجنيس جو باعث پڻ آهي، جيڪا خود ٻوليءَ جي وڏي خوبي مڃي ويندي آهي.

### 2. ''م'' ظرف طور:

سنوارڻ جون سوين توکي سڏين ٿيون شاهراهون، تو
پڙهيو آ کهڙي مکتب مان، فقط پيچ ڊاهه جو رستو.

(ساحر راهو: دل جي ڳلي: ص 74: 2014: پوپٽ)

هن شعر ۾ مڪتب = درسگاهه، اسڪول، مدرسو وغيره جي معنيٰ ڏئي ٿو، جيڪو گرامري حيثيت مطابق ظرف يعني جاءِ جي معنيٰ ۾ بيٺل آهي، يعني ڪتابن جي پڙهڻ جي جاءِ، جيڪو اصل ۾ ڪتب (جمع) لفظ سان م جي اڳياڙي ڳنڍڻ سان ٺهيو آهي. جنهن کان پوءِ ٻيا به ڪيترائي لفظ ٺهن ٿا جهڙوڪ مڪاتب، مڪاتبين.

عشق جي مقتل ۾ هر منصور کي
سُرخُرو ٿي شهنشاهي آ ملي.

( ساحر راهو: دل جي ڳلي: ص154: 2014 پوپٽ)

مٿئين شعر ۾ مقتل = قتل ٿيڻ جي جاءِ / قتل گاهه جي معنيٰ ڏئي ٿو جيڪو اصل ۾ قتل لفظ سان م جي اڳياڙي ملائي وئي جنهن کان پوءِ ٻيا به ڪيترائي لفظ جڙن ٿا جهڙوڪ . مقتول (مذڪر) مقتولا (مونث) وغيره

........ جن جي چوٽين کان مٿاهين مسجد ۾ سونهري مينار هئا، انهيءَ مسجد جي طرز تعمير تيمورلنگ جي مسجد وانگر چٽي ٿي وئي. ( شيخ اياز: ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر: ص653 : ثقافت کاتو)

هن جملي ۾ مسجد جو لفظ استعمال ڪيل آهي، جيڪو اصل ۾ سجده سان

م جي اڳياڙيءَ سان ٺهيو آهي، جيڪو خود ظرف آهي يعني سجدي جي جاءِ. مسجد لفظ متعلق علامہ راغب اصفهاني لکي ٿو تہ المسجد (ظرف) جي معنيٰ جاءِ نماز آهي . اصفهاني صاحب اڳتي حديث جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ مساجد مان مراد سجدي جا عضوا پيشاني، نڪ، ٻئي هٿ، ٻئي گوڏا، ٻئي پيرن جا آڱوٺا آهن (اصفهاني: مفردات القرآن: ص 484/485 : اسلامي اڪيڊمي)

تفسير نورالثقلين جو مترجم علامہ الطاف حسين ڪلاچي ص 522 تي سوره جن جي آيت نمبر 18 جي شرح هن طرح ڪئي آهي.

هن آيت ۾ "مساجد مان مراد پيشاني، ٻئي هٿ، ٻئي گوڏا، پيرن جا ٻئي آڱوٺا آهن" مطلب تہ جنهن جاءِ تي سجدي جا عضوا خدا تعاليٰ جي اڳيان حاضر / جهڪن تہ اها جاءِ مسجد آهي ان مان واضح ٿيو تہ سجدي ڪرڻ واريءَ جاءِ جو نالو مسجد آهي.

### 3. "م" مذڪر نالن کي مونث طور:

مٿي لغت نويسن پڻ اهڙي نشاندهي ڪئي آهي پر ان متعلق سنديلي صاحب جو مضمون وڏي فضيلت رکي ٿو، سنديلو صاحب لکي ٿو تہ: "خان ترڪي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي سردار، رئيس، امير. دراصل ترڪستان جي بادشاهن جو لقب هو. جو سنڌ جي مسلمانن بہ اميراڻي روايت کي قائم رکندي پنهنجي نالي پٺيان خان لاڳو ڪيو . خان لفظ سان م پڇاڙي ملائي خان+ م = خانم مونث ٿيو جيڪو وڏ گهراڻي عورتن جو لقب آهي جيئن بلقيس خانم، خورشيد خانم وغيره، ڪن مذڪر نالن جي پويان بيگ هوندو آهي جيئن قليچ بيگ، افضل بيگ وغيره جيڪو پڻ ترڪي ٻولي جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ نواب ، امير وغيره . بيگ لفظ سان م جي پڇاڙي ملائي بيگ + م = بيگم مونث ٿيو جو اميرزادي جي معنيٰ ۾ آهي جيئن جهان آرا بيگم، نورجهان بيگم وغيره . اڄ ڪلهہ تہ بيگم خود بہ ڪن عورتن جا نالا آهن. اهي نالا جن جي پويان خان، خانم، بيگ، بيگم آهن اهي وڏ گهراڻن جا مخصوص نالا هوندا هئا پر هاڻي غريب غربو اهڙن نالن کي رکي جهوني روايت کي قائم رکيو پيو اچي." (سنديلو: تہ ماهي مهراڻ ص، سال نامعلوم)

ڊاڪٽر سنديلي جي خانم، بيگم وڏ گهراڻن جي نالن جي شاهدي هيٺ ڏنل هڪڙي بيان مان بہ معلوم ٿي وڃي ٿي. مير علي نواز ناز جي ڪلياتِ ناز ۾ لکيل آهي تہ "هيءُ ڪتاب (قلمي) مير صاحب پنهنجي پياري بيگم بالي کي ڏنو. بيگم صاحبہ مير صاحب جي وفات کان گهڻو پوءِ مشهور اديب ۽ شاعر نسيم امروي کي عطا ڪيو (ڪلياتِ ناز: س ا ب : ص16: 1988) اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ بيگم يا خانم وڏ گهراڻن عورتن جا نالا هئا، پر اڄ ڪلهہ عام ٿي ويا آهن، مٿئين لفظن خان، بيگ کي

”م“ جي پڇاڙي مونث جي صيغي ۾ آڻي ڇڏي ٿي.

## 4. ”م“ ضميري پڇاڙيءَ طور

هوتُ وتمِ جي هوءِ سک گذاريان ڏينهنڙا

(سچل: واحد بخش شيخ: سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو: ص 252 2006)

مٿي سچل سائينءَ جي بيت جي سٽ ۾ وتم ظرف آهي جيڪو اصل ۾ وٽ + م = وتم ٿهيو آهي جنهن جي معنيٰ آهي مون وٽ

هوٽل جي ڪائونٽر تان ٽوئرسٽ انفرميشن گهريم، ان کي پڙهي ائين لڳو ته اٿليءَ ۾ ٽي ڏينهن ته ڇا ، ٽي هفتا به ٿورا آهن. قمر سان صلاح ڪيم ته ”هڪ ڏينهن اجا به هجي“ قمر چيو، ”اجان هاڻي ايئر پورٽ تي ته وڏرايو اٿو، گهڙيءَ گهڙيءَ ٿورئي وڏائيندا.“ (عباسي تنوير : ڏوري ڏوري ڏيهه : ص13 : 2007: روشني )

مٿئين جملي ۾ گهريم ، ڪيم فعل آهن جيڪي اصل ۾ گهرڻ، ڪرڻ مصدر سان م جي پڇاڙي ڳنڍي گهريم = مان گهريو ، ڪيم = مان ڪيو يعني ضمير سان گڏ استعمال ٿيل آهن. هن عبارت ۾ ڊاڪٽر تنوير صاحب ضميري پڇاڙيءَ جو درست استعمال ڪندي (مان/مون) ضمير جو ورجاءُ نه ڪيو آهي جنهن مان ٻولي شناس هجڻ جو ثبوت ملي ٿو.

ايئر پورٽ کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ جيڪو پنڌ ڪرڻو هو اهو ڏسي هانءُ ئي ٻڏي ويو هئم! نه نه ته به ٻه ميل ڊگهو رستو هو پر سائين هيءَ امريڪا هئي، هتي هر مسئلي جو حل موجود هو . مڙسم ۽ ٻارن سان ڪاريڊور جي فٽ پاٿ تي بيهيس ته پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ڪيم (عبدالعلي / الانا ايڊيٽر: سنڌي نصاب ڪلاس نائون: ص62: 1995)

مٿئين جملي ۾ هئم، مڙسم ، ڪيم ضميري پڇاڙيءَ وارا فعل ۽ اسم آهن

هيو+ م = هيم/هيوم= منهنجو هيو، مڙس + م = مڙسم = منهنجو مڙس ، ڪيو/ڪرڻ + م = ڪيم = مان ڪيو يعني ضميري پڇاڙي اسم، فعل ۽ حرف جر جي لفظن سان استعمال ٿيندي آهي (ضميري پڇاڙي جا ٻيا اکر / علامتون به آهن پر هتي صرف ” م“ شامل ٿيڻ وارا ٿورا لفظ شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي مقالي جي مناسبت سان آهن)

## 5. ”م“ صفت طور:

پاڻ اٺن سالن جي عمر ۾ موذن جا فرض پڻ سرانجام ڏيندو هو (عبدالعلي / الانا ايڊيٽر: سنڌي نصاب ڪلاس نائون: ص20: 1995)

موذن ـ صفت آذان ڏيڻ وارو (فاعل)

ماتر ڇهاءُ (مادرانا ڇهاءُ) سان اهي پَرَ منهنجي ڪلهن تي چنبڙي پيا، اڪيون مٿي ڪيم تہ مجسم ڪلپنا اوجهل ٿي چڪي هئي.(ريتا شاهاڻي: ڀيهريءَ جا ڀـ پـل: ص 34: 2004: ڪويتا)

مجسم = جسم لفظ سان م جي اڳياڙي ملائي صفت جسم وارو، ٺـلـهـو، ڳـرو جي معنيٰ ۾ رکيو ويو آهي.

### 6. "م" ادغام طور:

مٿي ڏنل جملي ۾ چنبڙي ، استعمال ڪيل آهي جيڪو ڇ اکر ۽ ب اکر جي اثر سبب 'ن' ميم جو آواز ڏيندو آهي پر لکبو نون جي صورتخطي سان آهي اهڙا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ موجود آهن جيئن انبوهہ، ينيور، گنبذ وغيره.

### 7. "م" انڪار طور:

شاهہ صاحب ۽ مخدوم طالب المولا جي ڪلام ۾ "م" انڪار جي مطلب سان ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيل آهي پر اهو طور طريقو هاڻي نہ ٿو اپنايو وڃي ڏسو شاهہ صاحب جو بيت:

هَلُ هِنئين سين هوت ڏي ، سِسِي ڪٽ مَ سانُ
جَنين پانيو پاڻُ ، سي آرياڻيان اوري رهيون.

( شاهہ: شاهواڻي : شاهہ جو رسالو: 296: سال 2005)

لڪي پاءِ مَ ليا، سڄڻ اڄ تون سامهون

(طالب المولا: ڇپر ۾ ڇڙيون ص 201 : 2011)

### 8. "م" تجنيس طور:

ٻوليءَ ۾ ساڳين آوازن وارا اکر بار بار استعمال ٿي، ٻوليءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪندا آهن اهڙي روايت سنڌي ۾ پڻ قديم زماني کان هلندي اچي ٿي، جيڪا هاڻي بہ سٺي نموني استعمال هيٺ آهي.

وُر اونداهي راتڙي، چاندوڻي چاندا
اوري ميهارا، مُنهنُ مَ پَسان ڪو ٻيو
( شاهہ)

شاهہ سائينءَ جي بيت ۾ ميهارا، منهن ۽ مَ جو ڪيڏو نہ سهڻو تجنيسي سٽاءُ رکيو ويو آهي، جنهن سان ڪلام ۾ سلاست ۽ مٺاج پيدا ٿي پيو آهي ۽ ٻيا ڪجھہ مثال : مام، ماتم، ممتاز مجسم وغيره.

**9. ”م“ حرف جر طور:**

ميم جو حرف سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف جر طور به ڪتب ايندو آهي . مثال ڪيسي ۾ پيئسا آهن يا

جي وَرُ ڪٺـــــــيو وڃن اهي نه چئبا وَرَ،
جن ۾ وڏا وَرَ ، سي ڪوڙا قريشي چوي

(طالب المولا: ڇپر ۾ ڇڙيون: ص 248: 2011)

مٿي پهرئين مثال ۾ بيت ۾ ”۾“ جو حرف، حرف جر طور ڪم ڪري ٿو.

ان ڪان علاوه مفرد ۾ مرڪب لفظن جي اڳيان، وچ ۾ پڇاڙيءَ ۾ وڏي پئماني تي ”م“ جو حرف استعمال ٿئي ٿو، ”م“ جي ايتري گهڻي قدر استعمال سبب چئجي ته سنڌي ٻولي ۾ ميم ”م“ جو حرف پنهنجي سيني سچاين ۾ سناين سان ڪتب اچي سنڌي ٻولي جي سونهن ۾ عزت جو راز بڻيو آهي ته ڪو وڏاءُ نه ٿيندو ٻيو ته لفظن سان ”م“ جي اڳياڙي ۾ پڇاڙي فطري طرح جڙيل هوندي آهي / جڙجي ويندي آهي ، جن تي غور ۾ فڪر ڪرڻ ڪان پوءِ ٻوليءَ جي حسناڪي ظاهر ٿي پوندي آهي، جنهن سان ٻوليءَ جو معيار بين الاقوامي حيثيت جو ٿي پوندو آهي

**حوالا:**


1. بلوچ. نبي بخش خان- ڊاڪٽر- جامع سنڌي لغات- س ا ب 1988ع
2. سائل. سترامداس- پروفيسر- سائل ڪوش ڪويتا پبليڪيشن 2009ع
3. سولنگي. غلام مصطفيٰ. سنڌيڪار- نئون نياپو- 2013ع
4. اياز شيخ- ڪٿي نه پيجبو ٽڪ مسافر- ثقافت کاتو 2010ع
5. چانڊيو. جامي: مرتب: ڪلاسيڪي ۾ جديد سنڌي شاعري- سنڌيڪا ڪراچي 2011ع
6. راهو.ساحر- دل جي ڳلي:پويٽ پبلشنگ هائوس خيرپور 2014ع
7. ساڳيو.
8. راغب اصفهاني : امام : مفردات القرآن: سال نامعلوم
9. ڪلاچي. الطاف حسين- علامه مترجم- نورالثقلين- منهاج الصالحيسن لاهور 2012ع
10. سنديلو. عبدالڪريم- ڊاڪٽر- ته ماهي مهراڻ
11. شيخ. واحد بخش- سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۾ نحو: س ا ب 2006ع
12. عباسي تنوير : ڏوري ڏوري ڏيهه- روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2007ع
13. عبدالعلي/ الانا ايڊيٽر: سنڌي نصاب ڪلاس نائون- س ٽ ب ب 1995ع
14. شاهاڻي. ريٽا -ٻپهريءَ جا ٻه پل- ڪويتا- 2004ع
15. طالب المولا. مخدوم. ڇپر ۾ ڇڙيون . س ا ب 2011ع
16. شاهواڻي. غلام محمد . مرتب. شاهه جو رسالو- 2005ع